
حسرتون بي حساب

(غزل، ترائيل ۽ جديد شاعري)



آسن واسواڻي 'مجبور'

آسن واسواڻي ’مجبور‘

حسرتون
بي حساب

(غزل، ترائيل ۽ جديد شاعري)

Highlights

غزل

١. اڌ دنيا ترقيءَ کان ڏس محروم آ
حرفتين جو راڄ تو قائم ڏسان. ص - ١

٢. سياست ۾ يي جوکم آهي
وڏي خطري جو هي ڪم آهي. ص - ٤

٣. خُدائيِ بٽيو آ ڏُکي هِتِ ڀُڄهارت
اسين خوف ۾ بس ڪريون پيا عبادت . ص - ١١

٤. سجدو نہ مون ڪيو، مالها نہ مون جپي
ناراض ان ڪري هت الاه تي ويو. ص - ١٩

٥. موت جي آيو ڪٽي پيغام کو
تنهن کي يي 'مجبور' ڪُجهہ ترسائبو. ص - ٢١

٦. دل تہ ناداني ءَ تي پنهنجو حق ڄمائي
آزمايل کي اجا تي آزمائي. ص - ٢٣

٧. مرڪ پنهنجي مون اڏاري آ ڏني
آرسيءَ ۾ شرمساري آ ڏني. ص -١٨

٨. اک ۾ پهرين هو هڪ قطرو
پوءِ وڏا درياه بڻائي. ص - ١٣

٩. هڪ حيات ۾ سپ ڪرڙو آ
جيئڻو يي آ، ءَ مرڙو آ. ص - ١٤

١٠. شاعري دلگير جي آهي ڪمال
آ فني جت پختگي، شامل جمال. ص - ١٠

حسرتون بي‌حساب

(غزل، ترائيل ۽ جديد شاعري)

آسن واسواڻي 'مجبور'

ٿي ايڇ ايڪس - ٩٧، آديپور (ڪڇ) ٣٧٠٢٠٥. فون : ٢٦٠١٣١

ڇاپو : پهريون سال : ڊسمبر ٢٠٠٥   قيمت ٦٠ روپيه

پبلشر   : ليکڪ

ٽائيپسيٽر   : شري سائين ناٿ آفسيٽ، گانڌيڌام.

۽ پرنٽر   فون نمبر : ٢٢٣٦٠٠   موبائيل ٩٨٩٨٢٢٣٦٠٠

ڪتاب ليکڪ ۽ انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي وٽ ميسر

HASRATOON BE HISAB

Assan Vaswani "Majboor"

THX-97, ADIPUR - 370205. Tel. : (02836) 260131

December 2005   Price : Rs. 60/-

Publisher : Author

Typesetting : Shree Sainath Offset, Gandhidham.

& Printing   Tel. 223600   Mob. 9898223600

BOOK IS AVAILABLE WITH AUTHOR &
INDIAN INSTITUTE OF SINDHOLOGY

جديد شاعري

Highlights

١. ڪافي عرصي کان اسان ويچاريو پئي
ته اهڙي اهنڪاري اِنسان کي
سبق سيکارڻ جي سخت آهه ضرورت
جيئن ڪيس حقيقت جي پروڙ پوي.

سُنامي لهرن جو چتاءُ
ص - ٥٦

٢. صلح ۽ شانتيءَ جا ڪي دؤر
ضرور رهيا آهن
پر اهي مختصر وقت لاءِ.
جن کي طويل ناٽڪ جا
ننڍا اِنٽرول ڪوٺي سگهجي ٿو.

جنگ جاري آ
ص - ٦٢

٣. اگر اها همدردي
هنن منهنجي جيئري
ڏيکاري هجي ها
ته آءٌ جيڪر
ڪي وڏيڪ سال زنده رهان ها.

تازي لاش جي زباني
ص - ٦٥

٤. هاڻ نون راوڻن کي
رام خواه رام ڀڳتن مان
ڪوبه خوف خطرو ڪونهي.

راوڻ جي صاف گوئي
ص - ٦٧

٥. ڪرامت کي ڳوليندي
ڪئين سال ويا گذري
۽ منهنجا ڪارا وار ٿي ويا اَڇا.

ڪرامت
ص - ٦٩

ترائيل

Highlights

سلسلو - ترائيل

سلسلو - جديد شائري

سلسلو - غزل

سلسلو - ترائيل

غزل - ا

آبرو اشراف جي ٿو گُمُ ڏسان
بي‌حيا بس آءٌ ٿو عالم ڏسان.

ا. ناتوانن کي ڪٿي ناهي جُهڳو
محل ۾ موجون ڪندڙ ظالم ڏسان.

٢. اڄ دنيا ترقيءَ کان ڏس محروم آ
حرفتين جو راڄ ٿو قائم ڏسان.

٣. زر ڪمائڻ جو طريقو جنگ آ
ڪارناما قتل جا دائم ڏسان.

۴. پيرَ جيان پوڄيا وڃن ٿا ڏن -ڏٽي
نيڪ معاشن کي ٿو نت خادم ڏسان.

۵. ٿا چون غربت جو ٿي ويو خاتمو
وڃ اُتي ’مجبور‘ جو ماتم ڏسان.

غزل - ٢

بي گهر جي رستن تي سمهندا
ڪنهن جا خاص دعاگو رهندا؟.

۱. جن کي کڇ ڪائڻ لئہ ناهي
روٽيءَ ڪارڻ در در ڦرندا.

۲. چِڙِيون تن لئہ ٿيون معمولي
بدشد ٻين جا طعنا ٻڌندا.

۳. گندو بت ۽ گندا ڪپڙا
ويجهو ايندا، صاحب ڀڄندا.

۴. ذرم سيٺيئي چو چپ آهن؟
بيرحميءَ کي اڌرم نہ چوندا.

۵. آ 'مجبور' نظام ئي نرلڄ
نعرن سان ڪنهنجا گهر نهندا؟

غزل - ٣

سڀ ديش ديش پڪارن ٿا
پنهنجا مفاد سنوارن ٿا.

١. جورو ۽ پٽ سالا پيارا
باقي شريف وسارن ٿا.

٢. غلطيون اٿن ياد ٻين جون
نت اعتراض اٿارن ٿا.

٣. جن جي وَجهہَ سوپارا ٿيا
تن جو پي بخت بگاڙن ٿا.

٤. داغي سڏي هو غيرن کي
ڇا خود جا داغ اُجارن ٿا؟.

٥. ’مجبور‘ نقلي نيتا هي
جعلي حيات گذارن ٿا.

. ——— .

غزل - ۴

سياست ۾ پيي جوکم آهي
وڏي خطري جو هي کم آهي.

۱. کڏهن اونچاين تي پهچڻ ٿئي
کڏهن پاتالي ماتم آهي.

۲. ملي ٿي عزت بيحد بيشڪ
فضيحت پر ڪٿ ظالم آهي.

۳. مفاد ڏسي ٿو هرڪو پنهنجا
نہ ڪوئي دوست همدم آهي.

۴. تڏهن بہ رهن رانديگر پِڙَ ۾
نہ ڪائي چنتا، ڪو غم آهي.

۵. اهو 'مجبور' مزاج، عجوبو
گهٽي عرصي کان قائم آهي.

غزل - ۵

ديپڪ چوڏاري شل چمڪن
مُنهن ماڻهن جا هر پل مرڪن.

۱. غم جو هي ماحول بدلجي
مايوُسيءَ جا بادل ٽِڙڪن.

۲. اِنسان اِنسان کي ڪيڪاري
پيار محبت واپس موٽن.

۳. هر حق سان گڏ فرض ادائي
ڪاش حقيقت ماڻهو سمجهن.

۴. مظلومن جي آه ٻُري آ
دانا ٿي هو تنهن ڪان ڇرڪن.

۵. سچ جي آخر جئه ٿيندي آ
ڪونه شبه 'مجبور' ذرا ڪن.

[illegible]
٦. [illegible]

[illegible]
٧. [illegible]

[illegible]
٨. [illegible]

[illegible]
٩. [illegible]

[illegible]
١٠. [illegible]

[illegible]
[illegible]

[illegible]

غزل - ۷

مينهن وسن ٿا، مينهن وسن ٿا
خوب هنئر بادل گرجن ٿا.

۱. ٻار گهٽيءَ ۾ نڪري آيا
ڪپڙن سوڏو ئي وهنجن ٿا.

۲. سست جناور پيي جاڳي پيا
هيڏي هوڏي مست ڦرن ٿا.

۳. ڪيتن ۾ هاري خوش آهن
دل کولي هو ناچ نچن ٿا.

۴. گم ٿي وئي ڌرتيءَ جي گرمي
سامت جو سپ ساهہ کڻن ٿا.

۵. پاڻي ناهي، امرت آهي
سمجهو سپ 'مجبور' چون ٿا.

غزل - ٨

سنڌ وچڙ جا سانباها ڪن
ٻار نہ پر سنڌي ڳالهائن.

١. گهر ۾ ڪونهي سنڌي پُستڪ
شاه، سچل، سامي ساراهن.

٢. ڪار، فِرج. ٽي. وي تہ ضروري
ساهت لاءِ پر پئسا ناهن.

٣. اِنعام وراهن شُهرت جي لئہ
نيتا - لِسٽِ ۾ نام لکائن.

٤. غيرن مان هِتِ ڪهڙو خطرو؟
پنهنجا سنڌيت سان نہ نڀاهن.

٥. آئيندو 'مجبور' رڙي پيو
ماضيءَ تي محلات اَڏائن.

غزل - ٩

سنڌي ليڊر سڀ خوش آهن
ڪلچر جا ٿا گيت ٻڌائن.

١. ٻوليءَ کي ڪوئي نہ پڇي ٿو
نعرن جي بس ڌوم مچائن.

٢. ڪين رڳو اسٽيج ڪڇي ٿي
ڳالهائڻ ڪان ڪين ڳسائن.

٣. هر ڳڌجاڻيءَ تي ڪانو ٿئي
لالچ ڏيئي ميڙ سڏائن.

٤. اسڪولن مان سنڌي غائب
سي ڪيئن سنڌيت ٿا ڦهلائن؟

٥. هاڻ وديش وچي سنڌيت جو
’مجبور‘ اتي راڳ ٿا ڳائن.

غزل - ١٠

شاعري دلگير جي آهي ڪمال
آ فني جت پختگي، شامل جمال.

١. صِنف هرڪا شعر جي موجود آهہ
جِٽڪ ڪوتا جو وڏو ڪوئي عَيال.

٢. مرڪ آ ماحول تي طاري مدام
شعر ۾ آسائتو آهي ملال.

٣. موج ۾ مهراڻ جو دلڪش لباس
سونهن جو مجسم لڳي ٿو بيمثال.

٤. پل اچن ڪوتا ۾ ڪيئي انقلاب
شعر هن جي جو نہ ٿيندو ڪو زوال.

٥. آهي ڪوتا جو لکڻ پيي ڪو جنون
پو(ء) رهي ’مجبور‘ وٽ ڪهڙو سوال؟

غزل - ١١

خُدا ئيِ بٽيو آ ڏُکي هِتِ ڳُجهارت
اسين خوف ۾ بس ڪريون پيا عبادت .

١. پتو اِبتدا جو، نہ آ اِنتها جو
ذرا شڪ شبہ ڪي ٿا ڪوٺن بغاوت.

٢. چون ٿا صداقت هتي نوُبنيِ آ
ڏسون ٿا مگر چو اِنهيءَ جي عَلالت .

٣. ستمگر ڪڏهن هِتِ سزاياب ٿيندا؟
اِنهن لئہ وري غيب جي چو سخاوت؟

٤. خُدا، اِيش يا گاڊ جا سڀ پوڄاري
رکن پاڻ ۾ ٿا صدين کان عداوت.

٥. فلڪ آهہ ’مجبور‘، ساڳيو آ جل - ٿل
جنوُنين جيِ جاري رهي پر حقارت.

غزل - ١٢

انڌيري کي يارو وڃڻ ڏيو، وڃڻ ڏيو
اجالي کي هاڻي اچڻ ڏيو، اچڻ ڏيو.

١. غمن سان گهٽا ڏينهن گهاري ڏناسين
انهن کي اڄ رخصت ڪرڻ ڏيو، ڪرڻ ڏيو.

٢. لڙياسين، تي آخر وڏي فتح حاصل
پراڻا ڪي صدما ڀُلڻ ڏيو، ڀُلڻ ڏيو.

٣. رهن هاڻي ڪنهن جي اکين ۾ ڇو آنسون؟
رفيقن کي آنسون اُگهڻ ڏيو، اُگهڻ ڏيو.

٤. تناون جو ماحول پنتي ڇڏيوسين
ڪُليءَ هن هوا کي وَهڻ ڏيو، وَهڻ ڏيو.

٥. سچائيءَ جي تي سوڀ 'مجبور' شايان
نراسائيءَ کي بس پڇڻ ڏيو،پڇڻ ڏيو.

غزل - ١٣

هڪ چنگاري آگ لڳائي
پوري گهر کي خاڪ بڻائي.

١. لفظ نہ نڪتو هڪڙو مُک مان
دل ۾ ڪنهنجي وِڪُ ڦهلائي.

٢. اک ۾ پهرين هو هڪ قطرو
پوءِ وڏا درياھ وَهائي.

٣. ناهہ هوا جو جهونڪو تيچ ڪو
طوفانن جو راز ٻڌائي.

٤. هڪ هڪ سِرَ کي اهميت پنهنجي
اونچا گهر پَٽَ تي ڪيرائي.

٥. ڏرتيءَ جو بس هڪڙو جهٽڪو
لک ماڻهو 'مجبور' ڪنبائي.

غزل - ١٤

هڪ حياتَ ۾ سڀ ڪرڻو آ
جيئڻو پڻ آ، ۽ مرڻو آ.

١. دل تہ ٿي چوي سڀ اظهاريان
چپ رهي بہ سڀ ڪجھ چوڻو آ.

٢. نيهہ جا تہ جڙيل آهن ناتا
وصل بعد سڀ ڪي ڇڏڻو آ.

٣. آهہ وقت جو چڪر اجوبو
سک مليو ڇڱو، دک سهڻو آ.

٤. ٿڪ گهڻو ۽ منزل پڻ غائب
پَلُ رکي پري پو(ءِ) وڃڻو آ.

٥. مونجهہ ۾ نہ 'مجبور' رهي ٿو
هار بعد، فاتح ٿيڻو آ.

غزل - ١٥

هر خوشي غم جو حصو شامل ڪري ٿي
غمزدن وٽ پڻ خوشي واپس وري ٿي.

١. ڦاٿي آ ڪشتي برابر وچ ڀنوَر ۾
حادثي کان هوءَ بچي ليڪن تري ٿي.

٢. هڪ طرف طوفان آ، ٻئي پاسي ديپڪ
لاٽ هن جي پوءِ بہ ڪئن ڏيمي ٻري ٿي.

٣. ڪو ڪٽي ڪيڏو هجي بدنام سنگدل
ليڪ ان جي دل اچانڪ ڪئن ڳري ٿي؟

٤. جنهن نراشا کان ڪيو وئراڳ ڏي رخ
آس ڏيري تنهنجو پي دامن ڀري ٿي.

٥. چيز تبديليءَ حوالي ٿي رهي پل
ڪين پر 'مجبور' سا دائم مري ٿي.

غزل - ١٦

زندگي بيشڪ ڳجهارت ٿي لڳي
ليڪ ان ۾ ئي نزاڪت ٿي لڳي.

١. هر بشر پنهنجي رڪي هستي الڳ
هڪ وڏي سچ پچ ڪرامت ٿي لڳي.

٢. ڪيس ناهي ابتدا جي ڪا خبر
پر قبولڻ ڪيس شامت ٿي لڳي.

٣. موت جي موجودگي شدت ئي ري
جان پو(ء) ئي ڪئن سلامت ٿي لڳي؟.

٤. مغر اهڙو معملن ۾ تس منجهيل
دوستي هن کي عداوت ٿي لڳي.

٥. غئب جو 'مجبور' کي ڪهڙو پتو
ڪائناتي ڪا شرارت ٿي لڳي.

غزل - ١٧

درد منهنجي من کي ويڳاڙو ڪيو
جسم جي هر انگ کي ساڙو ڪيو.

١. ڪنهن مهاجر جيان رليو تي غم جڏهن
هت اچي هاڻي آ تنهن تاڙو ڪيو.

٢. ڪجهہ پتو ناهي مونکي ڪنهن چيز جو
آهہ ڪو زندهہ يا چالاڙو ڪيو.

٣. منهنجي قبضي ۾ نہ چا جذبات آ؟
حسرتن مونتي ڪِلي ماڙو ڪيو.

٤. ڪا نئين تصوير لاشڪ تي ڏنم
غائِبيءَ تَنهنجي آ غيباڙو ڪيو.

٥. آءٌ چا 'مجبور' لاوارث تيس؟
روب پنهنجو مون تي شاهاڙو ڪيو.

غزل - ١٨

مرڪ پنهنجي مون اڌاري آ ڏني
آرسيءَ ۾ شرمساري آ ڏني.

١. پاڻ سان وعدا تہ مون ڪيڏا ڪيا
محض تن جي اڄ شماري آ ڏني.

٢. عرش تي پهچڻ جتي ممڪن لڳو
فرش جي هيٺان سواري مون ڏني.

٣. مئڪدا ۾ ڪا بہ بندش ڪين آ
پوءِ پيي چو گم خماري مون ڏني.

٤. بيءدد موقعا مسلسل جي هجن
چو تلاشڻ، انتظاري آ ڏني.

٥. ڪجھ تہ آ 'مجبور' فطرت ۾ سَفَر
لاپتا جو مون بهاري آ ڏني.

غزل - ١٩

هڪ درد، درد ٻئي جو همراه ٿي ويو
مُنهنجو ته دشمنن جي بس ساه ٿي ويو.

١. اڄ ته پاڻ ۾ هو وڙهندا هئا گهڻو
تن جو وري ڪٿان پوءِ ناه ٿي ويو؟

٢. سجدو نه مون ڪيو، مالها نه مون جپي
ناراض ان ڪري هت الاه ٿي ويو.

٣. بيباڪ پنهنجي فطرت ڪنهن کي نٿي وڻي
هر ڪنهن کي آ خوشامد جو چاه ٿي ويو.

٤. پنهنجي اڳيان ته مال مليدا گهڻا ڏسون
همسايه هت ٻُڪن ڪان پيل پاه ٿي ويو.

٥. هي طلسمي نظام تريناڪ ٿو لڳي
’مجبور‘ پيي لڳي ٿو گمراه ٿي ويو.

غزل - ٢٠

دل ملڻ جي لئہ اجان بيتاب آهي
پل چون کي هي نسورو خواب آهي.

١. اشڪ چشمن مان وهن بيِ‌روڪ ٽا جي
ڪي تہ آڪن ٽا رواجي آب آهي.

٢. آ سياهيءَ سان اسانجو واسطو بس
ڪين چانڊوڪي، نہ ڪو مهتاب آهي.

٣. هر قدم تي آهہ بندش يا رڪاوٽ
تن سان خلوت ۾ ملڻ ڪمياب آهي.

٤. ٽا اُٿن اُڌما تہ طوفاني هوا جيان
چِٽڪ جذبن جو وڏو سيلاب آهي.

٥. بيرخي 'مجبور' تن جي ڪئن بيان ٿئي
زخم جي ليءَ جا تڪو تيزاب آهي.

غزل - ٢١

پنهنجي جذبن کي ذرا جاڳائبو
کين ڪشتن کان ڪڏهن گهبرائبو.

١. تنهنجي دل ۾ آهه جي رنجش اَجا
آزي نيزاري ڪري پرچائبو.

٢. دِل - لڳيءَ جي آهه بيماري بُري
ڪو تہ نسخو پُراَثَر ازمائبو.

٣. غم جا ناهن گيت جي توکي پسند
نغمو ڪوئي بي‌خوديءَ جو ڳائبو.

٤. کهڙي بي آ عاشقن جي آرزو
رُتبو هي سڀ‌ڪجھ وڃائي پائبو.

٥. موت جي آيو ڪٿي پيغام ڪو
تنهن کي پِي 'مجبور' ڪُجهہ ترسائبو.

غزل - ٢٢

کيڏو حيات ۾ هت بس انتظار ٿيو
سڪ جي تلاش ۾ من، نت بيقرار ٿيو.

١. چاهت ڇيو اجهو ٿي منزل ملي، ملي
گذري مياد وَر وَر، ڪهڙو اُڌارُ ٿيو؟

٢. ناهي حقيقتن جي سمجهڻ جي غرض ڪا
ناقص دماغ تي پوءِ خوابن جو وارُ ٿيو.

٣. سيني ڇيو، نہ غم جي بيحد پچار ڪر
مونکي مگر نہ تن تي اعتبار ٿيو.

٤. گذري ويو سمو ڳچ، اُلجهن نہ ختم ٿي
ڪنهن جي نہ دل ٺٺي، نہ وري ڪو نثار ٿيو.

٥. ’مجبور‘ ڪي سڏن ٿا بيباڪ غيرتي
منهنجو ضمير تِن لئہ آ عيبدار ٿيو.

غزل - ٢٣

دل تہ ناداني ءَ تي پنھنجو حق ڄمائي
آزمايل کي اڃا تي آزمائي.

١. قتل جا الزام جنھن تي جام آھن
تي حفاظت لئہ انھي ءَ کي ئي سڏائي.

٢. دوستي ءَ ۾ دوکا جنھن جي لاءِ مروج
تي وفا جا وعدہ تنھن کان ئي ڪرائي.

٣. ڇا جلادن وٽ دوا درمل بہ ممڪن؟
زخم پنھنجي جو قصو تن کي ٻڌائي.

٤. آھہ جت مدھوشي، باھوشي ءَ تي طاري
اُت محبت تي نوان ڪرتب ڄڻائي.

٥. حسن جو 'مجبور' جادو آھہ اھڙو
عقلمندن کي نپٽ چريٽ بڻائي.

غزل - ٢٤

چا انهن جي بيوفائي ڪجهہ بہ ناهي؟
هر طرف منهنجي تباهي ڪجهہ بہ ناهي؟

١. سونهن لاشڪ آ عطا هت ڪائناتي
پر ذرا من ۾ سچائي ڪجهہ بہ ناهي؟

٢. اعتقادن تي سچو عالم هلي پيو
قول تِن جي جيِ ڪچائي ڪجهہ بہ ناهي؟

٣. زندگي آهي جڏهن دائم نہ قايم
پو(ءِ) بہ پنهنجي هيءَ جدائي ڪجهہ بہ ناهي؟

٤. عاشقيءَ ۾ آ برابر خاص خطرو
قلب جي پر هت صفائي ڪجهہ بہ ناهي؟

٥. غمزده ’مجبور‘ ديوانو ڦري پيو
چا سندس هيءَ جڳ-هسائي ڪجهہ بہ ناهي؟

غزل - ٢٥

اڃا تہ ڪنهن جي الفت آهي
رهيل اڃا ڪا رحمت آهي.

١. ڀلي هجن ڪي شوخ نگاهون
نظر انهيءَ سان نسبت آهي.

٢. تڪڙ پريشان ڪونہ ڪري هت
اڃا الاهي فرصت آهي.

٣. دلي تمنائون ٿيون غائب
رهيِ رڳو هڪ حسرت آهي.

٤. وِره ڪيو ڪيڏن ڪي پاڳل
جدا جدا بس قسمت آهي.

٥. مرڻ منجهان 'مجبور' ملي ڇا؟
اڃا جئڻ جي جرئت آهي.

ترائیل

ترائيل - ١

سوَ ڪروڙ کان وڌ آدم آهي
هِنَ شُمار ۾ ٻيو نمبر ڀارت
لوڪ-راڄ پِي هت قائم آهي
سوَ ڪروڙ کان وڌ آدم آهي.

باوجود، غربت ظالم آهي
شرمناڪ ڇا ناهي بدحالت؟
سوَ ڪروڙ کان وڌ آدم آهي
هِنَ شُمار ۾ ٻيو نمبر ڀارت.

.———.

ترائيل - ٢

سياڻا ماڻهو سڀ چپ آهن
آهه اياڻن بازي ماريِ
ٻوگها هر هنڌ راڄ هلائن
سياڻا ماڻهو سڀ چپ آهن.

عالِم وينا ورق ورائن
جاهل شخص جي ٿيِ واريِ
سياڻا ماڻهو سڀ چپ آهن
آهه اياڻن بازي ماريِ.

.———.

ترائيل - ٣

قانون بڻائڻ فرض اسانجو
پر قانون نہ پبلڪ لئہ آهن
تن جو پالڻ آ فرض اوهانجو
قانون بڻائڻ فرض اسانجو.

قانون آ ٽوڙڻ خوف توهانجو
لاڳو پر اُهي پاڻ سان ناهن
قانون بڻائڻ فرض اسانجو
پر قانون نہ پبلڪ لئہ آهن.

ترائيل - ٤

سونا ٻِلا سوين اولمپڪ ۾
ڀارت کيو رُڳو روُپو حاصل.
پنهنجا کلاڙي هئا جڻ پکنڪ ۾
سونا ٻِلا سوين اولمپڪ ۾.

هِتِ شُغل ٿيا شهر پر هرهڪ ۾
سوڀ اِنهيءَ ۾ حشام ٿيا شامل.
سونا ٻِلا سوين اولمپڪ ۾
ڀارت کيو رُڳو روُپو حاصل.

ترائيل -۵

پاڙ کي شدت سان ٿا نيتا مڃن
چڙ سچي دنيا آ تن جي سلطنت
معملي هرڪنهن ۾ ٿا هو هٽ وجهن
پاڙ کي شدت سان ٿا نيتا مڃن.

ڪنهن نہ ڪنهن جهڳڙي ۾ ٿا شامل رهن
(۱)ٿن تناون ۾ جيئڻ جي قابليت
پاڙ کي شدت سان ٿا نيتا مڃن
چڙ سچي دنيا آ تن جي سلطنت.

. ———— .

ترائيل -٦

اڄ عجوبو ٿي لڳي ايمانداري
ليڪ چوري لوٽ تي ڪو ناهہ تعجب
ڇا نون قدرن ڪيو اعلان جاري
اڄ عجوبو ٿي لڳي ايمانداري.

ڌرم ڌن وحشت سياست، واهہ ياري!
پر محبت تياڳ همدردي نہ واجب
اڄ عجوبو ٿي لڳي ايمانداري
ليڪ چوري لوٽ تي ڪو ناهہ تعجب.

. ———— .

ترائيل - ٧

رهنما خود راه ئي ڀلجي ويو
راهگيرن لئہ مصيبت ٿي گهٽي
چار ۾ چڻ معملو الجهي ويو
رهنما خود راه ئي ڀلجي ويو.

ڪو قدم اڳتي، تہ ڪو پٺتي ويو
سختگيرن ڪي نہ پر حالت وٽي
رهنما خود راه ئي ڀلجي ويو
راهگيرن لئہ مصيبت ٿي گهٽي.

ترائيل - ٨

ڀارت جا ڪرڪيٽ ڪلاڙي
کيڏڻ لئہ ٿن آترويلا
پر جيتڻ لئہ بيدرڪاري
ڀارت جا ڪرڪيٽ ڪلاڙي.

حب الوطنيءَ جي نہ خماري
خود جي شهرت، ڏن ۽ ميلا
ڀارت جا ڪرڪيٽ ڪلاڙي
کيڏڻ لئہ ٿن آترويلا.

ترائيل - ٩

ماڻهو کي فاقه‌ڪشيءَ کان ٿا مرن
ٻيڄا ڪائي کي رهن بيمار ٿا
بل ٺاهيندي ڊاڪٽر من ۾ ٽِڙن
ماڻهو کي فاقه‌ڪشيءَ کان ٿا مرن.

ٻاڏائيندي ٻار کي ڪاڌو گهرن
ڪٿ پُرلذت طعام کن بيزار ٿا
ماڻهو کي فاقه‌ڪشيءَ کان ٿا مرن
ٻيڄا ڪائي کي رهن بيمار ٿا.

. ———— .

ترائيل - ١٠

هر هر هو غور سان هت تاريخ ٿا پڙهن
ماضيءَ جي معملن ۾ دلچسپي ٿن گهٽي
جُزوي کو ’حال‘ جو ٿا هو جائزو وٺن
هر هر هو غور سان هت تاريخ ٿا پڙهن.

آئيندي جو نہ ڪوئي ڊپ فڪر ڪو اٿن
نسلن جيِ ڪوچ تن لئہ آ پوڻي ٻٽيِ
هر هر هو غور سان هت تاريخ ٿا پڙهن
ماضيءَ جي معملن ۾ دلچسپي ٿن گهٽي.

. ———— .

ترائيل - ١١

آزاديءَ جي ڪن رکوالي
ريڊيو ٽي-ويءَ ۽ اخبارون
جنتا جي ڏک سک جا حالي
آزاديءَ جي ڪُن رکوالي.

نرڀئتا ساهس جا والي
پڙيون ڪن ٿا چيخ پڪارون
آزاديءَ جي ڪن رکوالي
ريڊيو ٽي-ويءَ ۽ اخبارون.

. ———— .

ترائيل - ١٢

دشمن جي دشمنيءَ مان ناهه خطرو
چو ته مان اڳ ۾ ئي هت بيدار آهيان
دوستن جي دشمنيءَ تي پر نه پهرو
دشمن جي دشمنيءَ مان ناهه خطرو.

بيوفائيءَ جو اثر آ زهر جهڙو
پيو ته مان ان لئه بنه تيار ناهيان
دشمن جي دشمنيءَ مان ناهه خطرو
چو ته مان اڳ ۾ ئي هت بيدار آهيان.

. ———— .

ترائيل - ١٣

حق پنهنجو هو خوب ڇڪي تو
ٻئي جو پر ڪجهہ ياد نہ آهي
پنهنجو لاڀ تہ خوب تڪي تو
حق پنهنجو هو خوب ڇڪي تو.

فرض ادائيءَ کان تہ لڪي تو
جام ٻهانا ان لئہ ٿاهي
حق پنهنجو هو خوب ڇڪي تو
ٻئي جو پر ڪجهہ ياد نہ آهي.

. ———— .

ترائيل - ١٤

دهشتگردي بند نہ ٿيندي
جي غربت، بيعلمي طاري
عيش پرستي گهبرائيندي
دهشتگردي بند نہ ٿيندي.

اِفراتفري ڦهلائيندي
مذهب ۽ سياست جي ياري
دهشتگردي بند نہ ٿيندي
جي غربت، بيعلمي طاري.

. ———— .

ترائيل -١٥

پاڻ کي بم سان اُڏائي ٿو مري
ان ارادي سان تہ گڏ دشمن مرن
خودڪُشي بين جي اشارن تي ڪري
پاڻ کي بم سان اُڏائي ٿو مري.

ڌرم مذهب جي هدايت ڪان پري
ٿا جنوني موت ڏي هن کي ڌِڪِن
پاڻ کي بم سان اُڏائي ٿو مري
ان ارادي سان تہ گڏ دشمن مرن.

ترائيل -١٦

قيامت جي ڪهڙي هتي آ ضرورت؟
جڏهن ماڻهو ماري ٿو هر نسل پنهنجا
نہ سوچڻ جي هن کي ذرا آهہ فرصت
قيامت جي ڪهڙي هتي آ ضرورت؟

مسائيل، بمن ۽ بندوقن ۾ برڪت
ڪٿي لاش ايڏا، سڃاڻڻ بہ اهنجا
قيامت جي ڪهڙي هتي آ ضرورت؟
جڏهن ماڻهو ماري ٿو هر نسل پنهنجا.

ترائيل - ١٧

خودپرستيءَ جو بڻيو هو آ شڪار
پوڪ هن جي لئہ بڻي باقي عوام
پاڻ کي سيني کان سمجهي ٿو هوشيار
خودپرستيءَ جو بڻيو هو آ شڪار.

ڪيس پنهنجي قابليت جو آ خمار
عرش تي سمجهي سدا پنهنجو مُڪام
خودپرستيءَ جو بڻيو هو آ شڪار
پوڪ هن جي لئہ بڻي باقي عوام.

ترائيل - ١٨

راهہ پل اوَکي هجي، خطرو گهڻو
۽ هجي خوني وڏو دشمن لڪل
خوف جو پر دل ۾ ناهي ڪو ڪَڻو
راهہ پل اوَکي هجي، خطرو گهڻو.

زندگيءَ ۾ ڪجهہ ڪرڻ لئہ سوچڻو
ظلم ۽ بيداد کي رڪڻو ٻنل
راهہ پل اوَکي هجي، خطرو گهڻو
۽ هجي خوني وڏو دشمن لڪل.

ترائيل - ١٩

سوچَ سدا جاڳائي غم کي
مَندُ رهڻ ۾ لاپ گهٽو آ.
چو چاهين ڏوڏڻ عالم کي
سوچ سدا جاڳائي غم کي.

نوتو ڏين ٿو تون ماتم کي
هي نہ جهان ائن ئي رهٽو آ.
سوچَ سدا جاڳائي غم کي
مندُ رهڻ ۾ لاپ گهٽو آ

ترائيل - ٢٠

سَڏُن کرڻ سان ڇا هڙ حاصل
اگر ارادا ناهن پختا؟
هتي لڙڻ لاءِ کٽا کي قابل
سَڏُن کرڻ سان ڇا هڙ حاصل.

کڏهن نہ جنگ ۾ هو ٿيا شامل
سدا پڇڻ جا ڳوليا رستا
سَڏُن کرڻ سان ڇا هڙ حاصل
اگر ارادا ناهن پختا؟

ترائيل - ٢١

سهڻا گل نه گهٽيئي ڏسجن
جن ۾ خوشبوُ آهه ندارد
وچ نزديڪ، پروليون سُلجهن
سهڻا گل نه گهٽيئي ڏسجن.

خوب لِپسٽڪي لب ٿا مرڪن
جن ۾ آهه عياري بيحد
سهڻا گل نه گهٽيئي ڏسجن
جن ۾ خوشبوُ آهه ندارد.

ترائيل - ٢٢

منشُ نه ڌرتيءَ جو آ والي
پشو پکين جو پي ساڳيو حق
مگر رهي تن جي بدحالي
منشُ نه ڌرتيءَ جو آ والي.

منش رحم حيا کان خالي
شِڪاري شوق رکي ٿو ناحق
منشُ نه ڌرتيءَ جو آ والي
پشو پکين جو پي ساڳيو حق.

ترائيل - ٢٣

آهہ هيِ اِنسانُ پيِ آخر جناور
پل تہ پوشيده بڻي خود کي پڌائي.
عقل بيجا علم تي ٿس خوُب بانور
آهہ هيِ اِنسانُ پيِ آخر جناور.

آپسي هوُ جنگ جو آهي خطاور
اِنتها هِن نسل جي ڪا دور ناهي.
آهہ هيِ اِنسانُ پيِ آخر جناور
پل تہ پوشيده بڻي خود کي پڌائي.

ترائيل - ٢٤

موسم آئي برساتين جي
مهڪ اچي ويئي چوڌاري
زينت آ ڪيڏي راتين جي
موسم آئي برساتين جي.

موسيقي ٻڌ تون لاتين جي
آهہ پرندن جي اج واريِ
موسم آئي برساتين جي
مهڪ اچي ويئي چوڌاري.

ترائيل - ٢٥

درخت ۾ هئا ٻچ پکين جا آشيانا
حيات هئي تن لاءِ مزي ۽ موج واري
نه - بند - ٿيندڙ تي لڳا ات شادناما
درخت ۾ هئا ٻچ پکين جا آشيانا.

خبيث ماڻهن کي سجهي آيا بهانا
زمين تي ڪنجي ڪريو وڻ، زاري زاري!
درخت ۾ هئا ٻچ پکين جا آشيانا
حيات هئي تن لاءِ مزي ۽ موج واري.

ترائيل - ٢٦

ڪري ڪانءُ ٿو وَڻ تي ڪان ڪان
ڏسي ٻار هوُ گڏ گڏ ٿئي ٿو
لهي هيٺ ٿو ڪيڏڻ تِن سان
ڪري ڪانءُ ٿو وَڻ تي ڪان ڪان.

ڪرڻ راند چاهي ٻارن سان
وڏن ڪان مگر خوب ڊڄي ٿو
ڪري ڪانءُ ٿو وَڻ تي ڪان ڪان
ڏسي ٻار هوُ گڏ گڏ ٿئي ٿو.

ٽرائيل - ٢٧

مينهن پوڻ تي ڏيڏر آيا
پنهنجو ٽان - ٽان گيت ٻڌائڻ
ناچُن جا ڪرتب ڏيکاريا
مينهن پوڻ تي ڏيڏر آيا.

گهر ساري ۾ پير گهمايا
ٻارن کي وَر - وَر وندرائڻ
مينهن پوڻ تي ڏيڏر آيا
پنهنجو ٽان - ٽان گيت ٻڌائڻ.

ٽرائيل - ٢٨

اڇي رات جو ڪوئو هڪڙو
گهمندي ڦرندي ڳائي 'چون چون'
ٻڌندي ڪو ڪڙڪو، ٽڪي گم تڪڙو
اڇي رات جو ڪوئو هڪڙو.

ٻليءَ جو اٿس جنسي ڪو خطرو
لڪي ٿو وڃي هو ڪِڙ ۾ دپ ڪون
اڇي رات جو ڪوئو هڪڙو
گهمندي ڦرندي ڳائي 'چون چون'

ٽرائيل - ٢٩

چِڙيا گهر ۾ قيدي آهي
شينهن سڄي جهنگل جو راجا
حڪم سندس هت هلڻو ناهي
چِڙيا گهر ۾ قيدي آهي.

ناسمجهو ٻالڪ چيڙائي
درشڪ جو ٿيا ڏپ کان آجا
چِڙيا گهر ۾ قيدي آهي
شينهن سڄي جهنگل جو راجا.

. ———— .

ٽرائيل - ٣٠

اڏري باغ ۾ مور اچي ٿو
آهي پر اڪيلو هو پِراڻي
هِت هُت ڏيل کي هو ڳولي ٿو
اڏري باغ ۾ مور اچي ٿو.

ڪلهه جي ناچ کي ياد ڪري ٿو
نامعلوم اڄ گم آ راڻي
اڏري باغ ۾ مور اچي ٿو
آهي پر اڪيلو هو پراڻي.

. ———— .

ترائيل - ٣١

عمر وڌڻ سان مرض وڌن ٿا
آهي پر هت چنتا ڪنهن کي؟
ڊاڪٽرن جا در کڙڪن ٿا
عمر وڌڻ سان مرض وڌن ٿا.

بئنڪن جا هو چيڪ لکن ٿا
گورين ڪائڻ جي ڏُن سپ کي
عمر وڌڻ سان مرض وڌن ٿا
آهي پر هت چنتا ڪنهن کي؟

. ——————— .

ترائيل - ٣٢

ماڻهو هڪڙو، چهرا جام
ان جي سؤلي ڪيئن پهچاڻ؟
کوج ڪندڙ مايوس ناڪام
ماڻهو هڪڙو، چهرا جام.

سانڊو بدلي رنگ ٿو عام
سچ چاهي؟ ڳولي نہ اڻڄاڻ
ماڻهو هڪڙو، چهرا جام
ان جي سؤلي ڪيئن پهچاڻ؟

. ——————— .

ترائيل - ٣٣

ٻئي جي غلطي ناگوار ٿيِ
پنهنجي غلطي نٿ معاف آ.
خامي هُن جي دل تي بار ٿيِ
ٻئي جي غلطي ناگوار ٿي.

پنهنجي ڀُلچُڪ درڪنار ٿيِ
هُن لئہ سيڪت سخت صاف ٿي
ٻئي جي غلطي ناگوار ٿي
پنهنجي غلطي نٿ معاف آ.

ترائيل - ٣٤

ماڻهوءَ کي پيدل هلڻ نامنظور آ
وايوءَ سان ڳالهيون ڪندڙ واهڻ کپي
تڪڙي پهچڻ جو هئي دستور آ
ماڻهوءَ کي پيدل هلڻ نامنظور آ.

هينئر گوڏن ۽ ٽنگن ۾ چو سور آ؟
گهر ويهي ڪائي دوائون، مالها جپي
ماڻهوءَ کي پيدل هلڻ نامنظور آ.
وايوءَ سان ڳالهيون ڪندڙ واهڻ کپي.

ترائيل - ٣٥

ٻئي کي ڪوئي ڪونہ پڇي ٿو
هرڪو آ پنھنجي ۾ پورو
غيرُ مدد لئہ جام لُڇي ٿو
ٻئي کي ڪوئي ڪونہ پڇي ٿو.

هارَ جڏهن ٿئي پوء ڪُڇي ٿو
'هر اِنسان هٿ آهہ اڌورو'
ٻئي کي ڪوئي ڪونہ پڇي ٿو
هرڪو آ پنھنجي ۾ پورو.

. ———————— .

ترائيل - ٣٦

وار مٿي جا ڪارا ڪن ھو
پنھنجي عمر لڪائڻ خاطر
درپڻ ۾ خوش شڪل ڏسن ھو
وار مٿي جا ڪارا ڪن ھو.

ماڻھو ٻيا موڳا سمجھن ھو
جن تي روپ جمائڻ خاطر
وار مٿي جا ڪارا ڪن ھو
پنھنجي عمر لڪائڻ خاطر.

. ———————— .

ترائيل - ٣٧

چپ رهڻ مشڪل گهڻو آهي جهان ۾
بڪبڪيو انسان آ مخصوص پراڻي
چڙ اٿس خارش خلش پنهنجي زبان ۾
چپ رهڻ مشڪل گهڻو آهي جهان ۾.

ناهه خاموشي ڪڏهن هن جي نشان ۾
بوريت سان پُر سندس پوري ڪهاڻي
چپ رهڻ مشڪل گهڻو آهي جهان ۾
بڪبڪيو انسان آ مخصوص پراڻي.

ترائيل - ٣٨

سچ چئون، ڏسون ناراضي
بيدلي، غصو ۽ نفرت
ڪوڙ سان مگر جڳ راضي
سچ چئون، ڏسون ناراضي.

سچ نه بولي پنڊت قاضي
خلق جهڙي سندن رغبت
سچ چئون، ڏسون ناراضي
بيدلي، غصو ۽ نفرت.

ترائيل - ٣٩

موت پڇاڙيءَ بوتا نهندا
زنده هوندي ڪوڏي قيمت
ورسين جا پيا ميلا لڳندا
موت پڇاڙيءَ بوتا نهندا.

رونشي خاطر ماڻهو مِڙندا
آهه تماشي جي بس زينت
موت پڇاڙيءَ بوتا نهندا
زنده هوندي ڪوڏي قيمت.

ترائيل - ٤٠

ڪوڙا سچ ڪي ٿا ساراهن
هيءَ آ تن جي گپت هوشياري
بدناميءَ ڪان پاڻ بچائن
ڪوڙا سچ ڪي ٿا ساراهن

ويساهي نہ بہ شڪ ۾ آهن
اهڙي تيندي ڪيئن عياري؟
ڪوڙا سچ ڪي ٿا ساراهن
هيءَ آ تن جي گپت هوشياري.

ترائيل - ٤١

پستڪ پاٺڪ کي ڳولن ٿا
پاٺڪ کي پر چاهہ نہ آهي
ليکڪ ڪيڏي محنت ڪن ٿا
پستڪ پاٺڪ کي ڳولن ٿا.

پاٺڪ پستڪ ڪان ڇرڪن ٿا
علم عقل جي قيمت ناهي
پستڪ پاٺڪ کي ڳولن ٿا
پاٺڪ کي پر چاهہ نہ آهي.

. ———— .

ترائيل - ٤٢

پپا چوي انجنيئر ٿِيان
ممي تہ چاهي ڊاڪٽَري
ڪَريان ڀلا ڇا ننڍڙو مان
پپا چوي انجنيئر ٿيان.

سدا تہ ننڍڙو ٻار رهان
نچان ٽپان، غم جي نہ ذري
پپا چوي انجنيئر ٿِيان
ممي تہ چاهي ڊاڪٽَري.

. ———— .

ترائيل - ۴۳

بيدليو ڏس ٻار اسڪولن ڏي وڃن ٿا
ڇهري تي ڇو نہ تِن جي ڪا مرڪ آهي؟
ٽيچرن ۾ ڇا ڪشش ۽ حب گهٽ ڏسن ٿا
بدليو ڏس ٻار اسڪولن ڏي وڃن ٿا.

موٽندي پر بيتحاشا ڪئين کِلن ٿا
علمدانن لئہ اهو ڪو چئلينج ناهي؟
بيدليو ڏس ٻار اسڪولن ڏي وڃن ٿا.
ڇهري تي ڇونہ تِن جي ڪا مرڪ آهي؟

ترائيل - ۴۴

باخدا ٿو ناخدا کان ڇو ٻڇي؟
اعتقادي ڪا اٿس خود ۾ ڪمي
گفتگو ۽ بحث کان ڇا لئہ ٻڇي
باخدا ٿو ناخدا کان ڇو ٻڇي؟

پل خدائي خوف جو پردو ڪڇي
بندگيءَ کان مڪت ٿئي هر آدمي
باخدا ٿو ناخدا کان ڇو ٻڇي؟
اعتقادي ڪا اٿس خود ۾ ڪمي.

ترائيل - ٤٥

هڪ دفعو بس موت ايندو
ٻئي دفعي هوندس نہ مان هت
امتحان هڪ وقت ٿيندو
هڪ دفعو بس موت ايندو.

پُل وچان دستڪ جي ڏيندو
بور ٿي هو ٿيندو رخصت
هڪ دفعو بس موت ايندو
ٻئي دفعي هوندس نہ مان هت.

ترائيل - ٤٦

حيات حادثو آهہ عجيب
نہ فيلسوف پيي ڄاڻي راز
پڙهي ڪتاب اڻڄاڻ اديب
حيات حادثو آهہ عجيب.

چون ڪي انتها آهہ قريب
ٻيا چون تہ آهي آغاز
حيات حادثو آهہ عجيب
نہ فيلسوف پيي ڄاڻي راز.

ترائيل - ۴۷

انسان برابر جيئي ٿو هت
پر نہ وٽس ڪا ٻي آھہ پسندي
موت بہ آخر آ صاف مصيبت
انسان برابر جيئي ٿو هت.

درد لبالب، دلسوز حقيقت
آھہ نجات، نجات بہ سچ هوندي؟
انسان برابر جيئي ٿو هت
پر نہ وٽس ڪا ٻي آھہ پسندي.

. ———— .

ترائيل - ۴۸

سوچ، سوچ ۾ دم ٿو نڪري
سوچ ناھہ، جت ڪٿ مسرت آ
ٿو دماغ کان سڀ ڪجھ وسري
سوچ، سوچ ۾ دم ٿو نڪري.

خوش جهان ۾ هر پل گذري
گر نہ سوچ جي ڪا حرڪت آ
سوچ، سوچ ۾ دم ٿو نڪري
سوچ ناھہ، جت ڪٿ مسرت آ.

. ———— .

ترائيل - ٤٩

رهي نہ سک تو کِڻ پل جي لئہ
مگر رهي دک سالن تائين
سِگهو ٿئي سک جو موٽڻ طئہ
رهي نہ سک تو کڻ پل جي لئہ.

حيات جي لئہ، سک آهي مئہ
رهي نٿو چو عرصن تائين؟
رهي نہ سک تو کڻ پل جي لئہ
مگر رهي دک سالن تائين.

· ———— ·

ترائيل - ٥٠

تدبير جي حوالي تقدير تي رهي
اِنسان ۾ مگر آ هت هوش جي کمي
تي بدحواس ناحق صدما گهڻا سهي
تدبير جي حوالي تقدير تي رهي.

هر هار کي بُري هو قسمت سدا چوي
هن جي ذمي نہ آ جڻ خود جي خوشي غمي
تدبير جي حوالي تقدير تي رهي
اِنسان ۾ مگر آ هت هوش جي کمي.

· ———— ·

ترائيل - ٥١

هاڻ هلچل ۾ شعور ناهي
ڪنهن ڀاني بس هلي ٿيِ ڪايا
حاصلاتي ڪو غرور ناهي
هاڻ هلچل ۾ شعور ناهي.

ڪوبہ منظر پُرسرور ناهي
ڏينهن ٿا گذرن بنه اجايا
هاڻ هلچل ۾ شعور ناهي
ڪنهن ڀاني بس هلي ٿيِ ڪايا.

.―――――.

ترائيل - ٥٢

مان نہ ڪنهن منزل تي ٿو رڪجي پوان
آ مسلسل پنهنجو دريائي سفر
ٻحري طاقت آئون لهرن جي ڏسان
مان نہ ڪنهن منزل تي ٿو رڪجي پوان.

درميان خاموشيءَ سان ڳالهيون ڪريان
جڏڪ منهنجيِ آهي ڪائيِ همجگر
مان نہ ڪنهن منزل تي ٿو رڪجي پوان
آ مسلسل پنهنجو دريائي سفر.

.―――――.

ترائيل - ٥٣

هر گهڙي آگاه ٿي سڀ کي ڪري
هوءَ مخاطب ڪونہ ٿيندي ٻيو دفعو
پو(ءِ) بہ ڪاهل ٿو رهي ڪم کان پري
هر گهڙي آگاه ٿي سڀ کي ڪري.

سُست ’اڄ‘ بدران ’سڀاڻي‘ ڏي وري
ڪونہ سوچي ٿو ’هنئر‘ جو هو نفو
هر گهڙي آگاه ٿي سڀ کي ڪري
هوءَ مخاطب ڪونہ ٿيندي ٻيو دفعو.

.——————.

ترائيل - ٥٤

ڪاميابيءَ لئہ نہ رستو مختصر
منهن مقابل مشڪلاتن سان ٿبو
ڪين محنت ٿيندي پنهنجي بي اثر
ڪاميابيءَ لئہ نہ رستو مختصر.

قسمتن جي تانءَ جي ٽوڙي ڪمر
ڪشمڪش ۾ ٻي قدم اڳتي کبو
ڪاميابيءَ لئہ نہ رستو مختصر
منهن مقابل مشڪلاتن سان ٿبو.

.——————.

ترائيل -٥٥

عشق ٻُڌيءَ سان ڪين نهي ٿو
چو ته ٻُڌي مغرور گهٽيِ آ
عاشق نئڙت ساڻ رهي ٿو
عشق ٻُڌيءَ سان ڪين نهي ٿو.

عشق ته صدما جام سهي ٿو
پر نه ٻُڌيءَ ڪي چال وٽيِ آ
عشق ٻُڌيءَ سان ڪين نهي ٿو
چو ته ٻُڌي مغرور گهٽي آ.

ترائيل -٥٦

عارف آڪيو ڇڏ علت تون
تياڳي ڇڏ مئخانو، ساقي
ڪر پرهيز شراب پيئڻ کون
عارف آڪيو ڇڏ علت تون.

سوچيان ٿو جي تياڳ ڪيو مون
جيئڻ لاءِ رهندو ڇا باقي؟
عارف آڪيو ڇڏ علت تون
تياڳي ڇڏ مئخانو، ساقي.

٥٧- ترائيل

خاتمو هٿ چاهتُن جو ٿيو اگر
آس جي باقي رهڻ جو ارٿ ڇا؟
پو(ء) جيئڻ ٿيندو نسورو بي اثر
خاتمو هٿ چاهتن جو ٿيو اگر.

چاهتن سان آهه زنده دل-جگر
نه ته نشان آهن عيان هٿ موت جا
خاتمو هٿ چاهتن جو ٿيو اگر
آس جي باقي رهڻ جو ارٿ ڇا؟

. ———— .

٥٨- ترائيل

آنسون نڪتا ڪين اکين مان
چشمن ڪين اتي ئي روڪيو
جذبا نڪتا ڪين دلين مان
آنسون نڪتا ڪين اکين مان.

درد وڌيو پوئيل پلڪن کان
موت مگر *ماريءَ جيان مرڪيو
آنسون نڪتا ڪين اکين مان
چشمن ڪين اتي ئي روڪيو.

*ماري=شڪاري

. ———— .

ترائيل - ٥٩

اَج پلڪي اشڪن جو هت سيلاب آهي
غم ڪيو گهيرو آهي چئني طرف کان
پر تبسم به افق ۾ بيتاب آهي
اَج پلڪي اشڪن جو هت سيلاب آهي.

ڪنهن مسئلي جو چا حل ڪمياب آهي؟
زخم گهرا پيي ويندا پرجي سمي سان.
اَج پلڪي اشڪن جو هت سيلاب آهي
غم ڪيو گهيرو آهي چئني طرف کان.

. ———— .

ترائيل - ٦٠

اَڃا زخم جهونا ڀريا ڪونہ آهن
نوان زخم غم هت وڏائيندا ويتر
اڳيان خوف خطرا ٿَريا ڪونہ آهن
اَڃا زخم جهونا ڀريا ڪونہ آهن.

ڇڏي جي ويا سي وريا ڪونہ آهن
نئين دوستي ڪئن ڀلا ٿيندي بهتر؟
اَڃا زخم جهونا ڀريا ڪونہ آهن
نوان زخم غم هت وڏائيندا ويتر.

. ———— .

ᨈᨗᨀᨗ ᨏᨑᨗ

سُنامي لهرن جو چتاءُ

گهٽي فخر سان ٿو چوي انسان
تہ هن جو هوائن تي قبضو آهي مڪمل
هن جو دريائن ۽ سمنڊ جي پاڻيءَ تي پڻ ڏاڪو ڄمايل آهي
ڇو تہ هن هوائي جهاز ٺاهيا آهن تيز رفتار
۽ سمنڊ تي ترندڙ ۽ تڪو هلندڙ
ٺاهيا آهن پاڻيءَ جا جهاز، زيرابيون وغيره.
هو جل - ٿل جو آهہ اڪيلو شهنشاهہ
۽ آهہ هوائن جو بيجوڙ حاڪم
هي سڄو برهمانڊ هن جي اشاري تي ڪري ٿو ناچ
۽ هن جي حڪم جي پيروي.
.....
هي ڪيترو نہ ناداني ۽ ڀريو آ نظريو!
۽ ڪيتري نہ احمقي آهي سوچَ.
ڪافي عرصي کان اسان ويچاريو پئي
تہ اهڙي اهنڪاري اِنسان کي
سبق سيکارڻ جي سخت آهہ ضرورت
جيئن ڪيس حقيقت جي پروڙ پوي.
اسانکي پرلئہ بپا ڪرڻ جو ڪو ذرو بہ ناهي شوق
پر هئي جي غرور کي نيست ڪرڻ لئہ ٻيو ڪهڙو آهہ اُپاءُ؟
اسانکي خبر آهي تہ اسانجي ناراضپي وِگهي

لکين ماڻھو - مڙد - زالون، ٻار ۽ ٻڍا
ھُونھار جوان جوانڙيون سمنڊ ۾ ٻڏي مري چڪا آھن
سندن مڪان ۽ ٻيون عمارتون زمين دوز ٿي چڪيون آھن
سامونڊي زلزلي جي جھٽڪن
سندن ھوش حواس ئي اڏائي ڇڏيا آھن
اسانجي اھا آھي دلي خواھش
تہ انسان ذات حقيقت شناس ٿئي
اجائي پاڻ - پڏائڻ کان باز اچي.
اھو بخوبي وَسھي تہ انسان بہ ھڪ
ڪائنات جي پيدائش آھي، ٻين پيدائشن سان گڏ.
پر ھو سرو شڪتيوان ڪونہ آھي
ھو ڪو برھمانڊ جو مالڪ ڪونہ آھي
ھو ڪو عالم جو شھنشاھہ ڪونہ آھي
ھو ڪو پرٿوي- گرہ جو حاڪم ڪونہ آھي
ڇاڪاڻ تہ ھت اھڙيون بہ
گپت، طاقتور ۽ ظالم شڪتيون آھن
جن جي آڏو ھو ھڪ لاچار ۽ ناچيز بندو آھي.
ڪنھن حادثي جو شڪار ٿي
انساني سمورو نسل - پراچين ’ديناسري‘ خاندان وانگر -
ھن ڌرتيءَ جي سطح تان ھميشہ لاءِ ميسارجي سگھي ٿو.

جمهوريت جو جلال

جمهوريت آهي ڪِن قابل اِنسانن جو
انسان ذات کي بيحجوڙ تحفو.
جمهوريت جي آمد سان
هن دنيا ۾ صدين کان قائم
هزارين بيجا فرق
وڃن ٿا ميسارجي،
مثلن
بدمعاش ۽ نيڪ معاش وچ ۾
سچارن ۽ ڪوڙن وچ ۾
وطن پرست ۽ وطن فروش وچ ۾
محنتڪش ۽ عيش پرست وچ ۾
مظلوم ۽ ظالم وچ ۾
عقلمند ۽ مندعقل وچ ۾
چورن ۽ چوڪيدارن وچ ۾
مدعي ۽ مجرم وچ ۾
دهشتگرد ۽ دهشت زده وچ ۾
سياستدانن ۽ ٽڪڙمبازن وچ ۾
عالم ۽ علم-معاف وچ ۾
لائق ۽ نالائق وچ ۾.

جنونين جو پڌرنامو

ڪن گمراهه مفڪرن جو
اهو چوڻ
تہ مڙيئي مذهب / ڌرم
بنيادي طور آهن هڪ جهڙا،
سندن دماغ جي علالت
ڪري ٿو اجاگر.
ڇا گهوڙا - گڏهه
ڪتا ۽ ٻلا وغيره
هڪ جهڙا آهن جانور؟
يقيني طور
اسان جو پنهنجو ڌرم ئي
باقي ڌرمن جي برعڪس
عاليٰ ۽ بي نقص آهي.
ان حقيقت جو احساس
ٻين کي
پيار ۽ دلار سان
پئسا پنجر ڏيئي
يا آخر ۾، خونريزيءَ ذريعي
ڪرائڻ ئي
اسانجو اهم ترين فرض آهي

جنگباز آقا ۽ بيزور عوام

ٻہ حريف ۽ هوڏي آقا
مقابل آهن هڪ ٻئي جي
ديش / ڌرم / آزاديءَ جا نالا وٺي
ملڪن جي باشندن وچ ۾
ايرڪا، ڏڪار ۽ ڌقير جي
جذبات ڪئي اٿائون پيدا
۽ دوبدو جنگ جو
ٿيو آهي اعلان.
هڪ طرف
منحوس هوائي جهازن مان
ڪرن ٿا ٻاري بم
جي سالن جي انساني محنت سان
ٺهيل عمارتن کي
يا انهن ۾ مقيم ماڻهن کي
ڪن پل ۾ ڪن ٿا
نيست ۽ نابود،
ٻئي طرف
توبن جي ذريعي جهازن کي
ڪيرائڻ جي ڪوشش ۾
مصروف آهن رقيب سپاهي.
هزارن ۾ ماڻهو ۽ سولجر
قتل ٿي رهيا آهن

هن ڪميٽيءَ جنگ ۾.
اناٿ ٻارن، وڌوائن
۽ ناتوان پيرسن سان
شهر ڀري ويا آهن سرابور
لکن جي تعداد ۾ ماڻهو هاڻي
زميني سُرنگن ۾ وينا آهن لڪي
پنهنجيءَ جان بچائڻ لاءِ
جن لاءِ ڏينهن به
راتين جهڙا اونداها آهن.
پاڻي، اناج ۽ ٻين روزمره جي چيزن جي
سخت آهي قلت،
سندن لاءِ جڻڪ
فاقا ڪڍڻ جو وقت آيو آهي.
هو بار بار جواب طلبي رهيا آهن
خدا کان به
آخر ڪهڙي گناهه جي ڪارڻ
هيءَ حالت ٿي آ سندن؟
هو ته محنتڪش عوام جا
محض آهن رکن
هو نه نه آهن عيش پرست
نه هٻڇي نه هوَسيِ،
هنن جي جنگ سان ڪهڙي آ وابستگي؟
پوءِ به هو ايذاءَ ۽ عذاب
ڇو سهي رهيا آهن؟

جنگ جاري آ

لڙائي، خونريزي ۽ قتل
وحشت جو راڄ -
خونخوار سياست جا
هاڻ عام فهم ارڪان آهن.
دنيا جي اتهاس ۾
صلح ۽ شانتيءَ جا ڪي دؤر
ضرور رهيا آهن
پر اهي مختصر وقت لاءِ.
جن کي طويل ناٽڪ جا
ننڍا اِنٽرؤل ڪوٺي سگهجي ٿو.
ان حقيقت جي باوجود
جنگ جي شروع ٿيڻ تي
ائين ٿين ٿا مظاهرا
ڄڻڪ
اهو ڪو ٿيو آهي اچنبو،
ڪا ٿي آهي اڻ ٿيٽي گهٽنا.
....
انسان پنهنجين مانسڪ خامين کي
نه ڳولهڻ لاءِ آهي تيار

نہ انهن جي علاج جي
ڪيس آهي درڪار.
پيار، محبت، ڀائيچاري
دلسوزيءَ ۽ صداقت کي
ڏيئي طلاق
هو پنهنجي خود ساخت ديش ڀڳتي
مخصوص ڌرم - مذهب، اڪيچار دولت
موتمار هٿيارن جي ذريعي
باقي دنيا کي بيعزت ڪري
فاتح بڻجڻ جا لهي ٿو خواب.
جنگ ان خطرناڪ خواب کي
حقيقت ۾ تبديل ڪرڻ جي
هڪ وحشاني آهي ڪوشش.

تازي لاش جي زباني

اهي شخص
جن رستي تان ويندي
مونکي نہ ڪڏهن ڪيڪاريو
نہ ڪڏهن مونکي ڏسي مرڪيا
نہ ڪڏهن مون ڏانهن
دوستيءَ جو ڪو هٿ وڌايو،
منهنجي موت بعد
شمشان ڀوميءَ ۾
منهنجي لاش کي
آڳ جي شعلن ۾ جلندو ڏسي
زار زار لڳا روئڻ
۽ آنسون وهائيندي
منهنجي ساراهہ ڪرڻ ۾
ٿي ويا مصروف.
....
ڪاش آءٌ ان وقت
ٿوري وقت لاءِ ٿي چونہ
هڪ زنده انسان هجان ها
تہ پوءِ جيڪر
انهن شخصن جي

همدردي ۽ دوستيءَ جي اظهار کي
پنهنجين اکين سان ڏسي سگهان ها.
اگر اها همدردي
هنن منهنجي جيئري
ڏيکاري هجي ها
تہ آءٌ جيڪر
کي وڏيڪ سال زندھ رهان ها
۽ مسلسل مايوس رهندي
دل جي سخت دؤري پوڻ سبب
پنهنجي جوانيءَ ۾ ئي
وفات ڪونہ ڪريان ها.

· ———— ·

[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]

[illegible]

اهم آڪاڙا ٻڌجي چڪا آهن
۽ انڪري اُهي معاملا
تہ آهن ڪورٽن حوالي.
هاڻ نون راوڻن کي
رام خواه رام ڀڳتن مان
ڪوبہ خوف خطرو ڪونهي
چاڪاڻ تہ سچن ڀڳتن جو شمار
موٿندڙ وِير جي جل وانگر
بيتحاشا گهٽجندو پيو وڃي.

· ———— ·

[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]

[illegible]

[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]
[illegible]

[illegible]

[illegible]

مني ڪوتا

ڏاند

انسان آهي هڪ گهاٽي جو ڏاند
اکين تي چڙهيل اٽس ڪوپا
پيو گهاٽي جي چوڌاري گهمي -
ڪائي، پيِ
مغرور ۽ مست.

. ———— .

پراشچت

مهرباني ڪري
مونکي غلط نہ سمجهہ
آءٌ پنهنجي غلطين جي معافي
ان لاءِ نہ رهيو آهيان گهُري
تہ آءٌ چاهيان ٿو ڪرڻ پراشچت،
آءٌ تہ بس
هن مُرَوج ۽ مشهور چال جو
اثر رهيو آهيان ماپي.

. ———— .

مني ڪوتا

لاش

پنيرڪي جو، خواب ۾
پاڻ کي مرتڪ ڏٺم
چوطرف سناٽو هو ڇانيل
سياپي جو هو ماحول.
اچانڪ، ڊوربيل جو ٿيو آواز
مگر آءٌ بستري مان اٿيس ڪونه.
ٻيهر زور سان ڊوربيل وڳو
مگر مان بستري مان اُٿيس ڪونه
لاش جو هيس.

دوست

هو ڪو منهنجو
وڏو يا جهونو دوست آهي ڪونه،
پر هو منهنجي دشمن جو
وڏو ۽ جهونو آهي دشمن.
ان حوالي ۾
هو بڻجي ٿو وڃي خود بخود
منهنجو هڪ
ڪارگر ۽ ڀروسي‌مند دوست.



آسن واسواڻي 'مجبور'

جنم : ٢٧ فيبروري ١٩٣٢ع

جنم استان : بنگلديرو، ضلع لاڙڪاڻو، سنڌ. (پاڪستان)

تعليم : ايم.اي.(انگريزي ساهت) ايم. اي.(هندي ساهت)

نوڪري : ليڪچرار ۽ پروفيسر : ١٨ سال

پرنسيپال (تولاڻي آرٽس - سائنس ڪاليج آديپور)

(١٩٩٢ ۾ رٽائر ڪيو) : ١٨ سال

هاڻ جون مشغوليون

ڪنوينر : انٽليڪچوئلس فورم، آديپور - گانڌيڌام.

ڪنوينر : سنڌي ادبي سرڪل ، آديپور - گانڌيڌام.

ادبي اشاعت

١. زندگي جا نغما (شعر) ١٩٦١

٢. معاف ڪجو (مزاقي -طنزي مضمون) ١٩٧٥

سيپئي آل انڊيا ريڊيو (پيڇ) تان پرسارت

٣. ايشور جو آپگهات (مزاقي - طنزي شعر) ١٩٩٥

(گجرات سنڌي اڪادمي جو انعام مليل)

۴. خلش ۽ خاڪا (غزل ۽ هائڪو) ١٩٩٦

(راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد) NCPSL جو انعام مليل)

۵. عقيدن جي وفات (جديد شاعري) ١٩٩٨

٦. ماضيءَ جو دفن (جديد شاعري) (گجرات سنڌي اڪادمي جو انعام مليل)

٧. فڪر ۽ فهم (غزل ۽ رباعيون) ٢٠٠٠

٨. جنون ۽ جنگ (غزل، ترائيل ۽ جديد شاعري) ٢٠٠١

٩. قيامت جي قريب (غزل ۽ جديد شاعري) ٢٠٠٢

١٠. علحدا آواز (غزل ۽ ترائيل) ٢٠٠۴

١١. حسرتون بيحساب (غزل، ترائيل ۽ جديد شاعري) ٢٠٠۵